
# هر پاسي نور ئي نور آ

21-November-2018



اجتماع میلاد کا بیان (1440ھ)

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# هرپاسي نورئي نورآ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## حضور جي مرڪڻ سان سُئي ملي وئي

**اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا **سَحري جي وَقت ڪجھ سبي رهيون هيون، اوچتو هٿ مان سُئي ڪري پئي ۽ چَراغ** (Lamp) **بہ وسامي ويو- ايتري ۾ رَحمتِ عالم، نورِمجسَّم** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن تشريف فرما ٿيا- نوراني چهري جي روشني سان سڄو گهر روشن ٿي ويو ايستائين جو سُئي ملي وئي- اُمُّ المؤمِنين** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا **عرض ڪيو: يارَسُولَ الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! **اوهان جو چهرو ڪيترو روشن آهي- سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن ارشاد فرمايائون:** وَيلٌ لِّمَنْ لَّا يَرَانِي يَوْمَ الْقِيامَةِ- **يعني ان شخص جي لاءِ هلاڪت آهي جيڪو مون کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو- عرض ڪيو: اهو ڪير آهي جيڪو اوهان کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو- فرمايائون: اهو بَخيل آهي- پڇيو ويو: بَخيل ڪير؟ ارشاد فرمايائون: اَلَّذِی لَا يُصَلِّ عَلَیّ اِذْ سَمِعَ بِاِسْمِي، جنهن**

www.dawateislami.net

منهنجو نالو ٻڌو ۽ مون تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهيو- (القول البديع،الباب الثالث في التحذير من ترک الصلاۃ ۔۔۔الخ، ص۳۰۲)

عالم سڳورا فرمائن ٿا: هر مسلمان تي عمر ۾ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ فرض ۽ هر مجلس ۾ جتي بار بار حضورِاڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ نالو ورتو وڃي هڪ ڀيرو واجب آهي ۽ هر ڀيري (جڏهن نالو اچي تہ درود پڙهڻ) مستحب آهي- (مرآۃ المناجیح، ۲/۹۷)

سُوزَنِ گُمشُدہ ملتی ہے تبسُّم سے ترے شام کو صُبح بناتا ہے اُجالا تیرا

**مختصر وضاحت:** يعني اسان جي پياري آقا، نور واري مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مرڪڻ سبب اهڙو نُور نڪرندو آهي جنهن جي روشني ۾ گم ٿيل سُئي ملي ويندي آهي، جڏهن تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان نڪرڻ وارو نور رات جي اونداهي کي ڏينهن جي اُجالي ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي-

## درودِ پاڪ جا انوار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان معلوم ٿيو تہ نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سراپا نور هئا ۽ سندن جسمِ انور مان نور جون شعائون نڪرنديون هيون-

اللہ رے! تیرے جسمِ منوّر کی تابِشیں اے جانِ جاں! میں جانِ تجلا کہوں تجھے

**مختصر وضاحت:** يعني پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نوراني جسم ۾ نور جي ڀريل تجليات جي ڇا ڳالهہ ڪجي- اي منهنجي جان جي جان (يعني اي منهنجا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مان تہ اوهان کي نور جي بہ جان چوندس-

اهو بہ معلوم ٿيو تہ وڏو بدنصيب آهي اهو شخص جيڪو پاڻ ڪريم عَلَيه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو نالو مبارڪ ٻڌي ۽ درود شريف نہ پڙهي، اهڙو شخص بروزِ محشر آقا عَلَيه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي زيارت کان بہ محروم رهندو ۽ دنيا ۽ آخرت جي ڪوثر پيالئين کان بہ محروم ٿي ويندو آهي- **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** الله پاڪ جون رحمتون نصيب ٿينديون آهن، **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** گناهہ معاف ٿيندا آهن، **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** درجات بلند ٿيندا آهن، **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** مشڪلاتون حل ٿينديون آهن، **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** مصيبتون ٽري وينديون آهن، **درودِ پاڪ**

www.dawateislami.net

**پڙهڻ سان** انسان جو باطن روشن ٿي ويندو آهي، **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** دلين جي صفائي ٿيندي آهي، **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** ظاهر بہ سٿرو ٿيندو آهي- **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** روزي ۾ برڪت ٿيندي آهي، **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** مرادون پوريون ٿينديون آهن، **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** مصيبتون ۽ تڪليفون دُور ٿينديون آهن، **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** حافظو قوي ٿيندو آهي، **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** وساريل شيون ياد اينديون آهن، **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** پُل صراط جي تاريڪي دُور ٿيندي آهي، **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** اجر ۽ ثواب ۾ برڪت ٿيندي آهي، سڀ کان وڏيڪ هي تہ **درودِ پاڪ پڙهڻ سان** سياڻي بروزِ قيامت شفيعِ محشر، تمام نبين جي سرور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شفاعت بہ نصيب ٿيندي- اچو انهيءَ حوالي سان بہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

1. اُمُّ المؤمِنين حضرت سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي تہ نبي رَحمت،شفيعِ اُمَّت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفاعت نشان آهي: "مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ يَوْمَ الْجُمُعَةِ كَانَتْ شَفَاعَةً لَّه عِنْدِى يَوْمَ الْقِيامَةِ" يعني جيڪو شخص جُمُعي جي ڏينهن مون تي دُرُود شريف پڙهندو تہ بروزِ قيامت ان جي شفاعت منهنجي ذِمَّہ ڪرم تي هوندي- (كنز العمال، كتاب الاذكار،الباب السادس في الصلاة عليه علي آله، ٢٥٥/١، الجزء الاول،حديث:٢٢٣٦)

2. حضرت سَيدُنا رُوَيفَع بن ثابِت رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن شخص هي دُرُود شريف پڙهيو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيامَةِ تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي- (معجم كبير،رويفع بن ثابت الانصاري،٥ / ٢٦،حديث :٤٤٨٠)

ذاتِ والا پہ بار بار درود — بار بار اور بے شمار دُرُود
سر سے پا تک کرور بار سلام — اور سراپا پہ بے شمار درود
بے عدد اور بے عدد تسلیم — بے شمار اور بے شمار درود
بیٹھتے اٹھتے جاگتے سوتے — ہو الٰہی مرا شعار درود
قبر میں خوب کام آتی ہے — بیکسوں کی ہے یارِ غار درود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي مقدس ۽ نوراني رات ۾ اسان پنهنجي نوراني آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي نور هئڻ** بابت بيان ٻڌنداسين، پهريان هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌنداسين جنهن مان اهومعلوم ٿيندو تہ اسان جا نور وارا آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪهڙي طرح نور جي خيرات ورهائيندا آهن- ان سان گڏ قرآني آيتن ۽ مختلف تفسيرن مان نورانيتِ مصطفيٰ جي باري ۾ مدني گل بہ بيان ڪيا ويندا، آقا ڪريم، رؤف و رحيم عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي جسمِ اقدس مان صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جيڪي نور جا شعاع نڪرندي ڏٺا ان جي باري ۾ بہ **ڪجهہ اِيمان افروز واقعا** ٻڌنداسين- ان سان گڏوگڏ اهو بہ ٻڌنداسين تہ اڄوڪي رات جڏهن مڪي مديني جي سردار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دُنيا ۾ جلوه

گري ٿي هئي تہ دنيا ۾ ڪهڙا ڪهڙا واقعا پيش آيا هئا- الله ڪري تہ اسان دِلجمعي سان شروع ڪان آخر تائين سنين نيتن سان مڪمل بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون-

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ربيع الاول اهو مبارڪ ۽ عظمت ڀريو مهينو آهي جنهن جو عاشقانِ رسول ڇڻ تہ سڄو سال انتظارِ ڪندا آهن- هن مهيني جي ايندي ئي سڄي دنيا جا مسلمان پنهنجي محبوب آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو يومِ ولادت وڏي شان ۽ شوڪت ۽ نهايت عزّت ۽ احترام سان ملهائيندا آهن، رَبيعُ الاوّل جو چنڊ نظر ايندي ئي غلامانِ مصطفيٰ ۽ عاشقانِ ميلاد خوشي سان جهومي پوندا آهن، ڇڻ هر پاسي بهار جو نظارو هوندو آهي، باغِ اُلفت سرسبز ٿي ويندو آهي، دلين جون مکڙيون ٽڙڻ لڳنديون آهن ۽ خوش نصيبن جي لبن تي نعت ۽ دُرود و سلام جا وِرد جاري ٿي ويندا آهن، عاشقانِ رسول پنهنجا گهر، گهٽيون، جايون، دڪان ۽ بازار سجائيندا آهن ۽ اجتماعِ ميلاد ۽ محفلِ دُرود جون ايندڙ صَلِّ عَلٰى جون صدائون ٻڌي ڪن ٺري پوندا آهن ۽ ڇو نہ ٺرن جو ربيع الاول جي مهيني ۾ اهي نور وارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪِٺي آيا، جن جي نور سان هي ڪائنات روشن آهي، جن جي نور سان زمين ۽ آسمان روشن آهن، جن جي نور سان سج ۽ چنڊ روشن ٿيا، جن جي نور سان تارن ۽ ڪهڪشائن ۾ روشني آهي، جن جي نور سان اونداهيون ختم ٿيون، جن جي نور سان جهالت جا انڌيرا ختم ٿي ويا، جن جي نور سان گمراهن کي هدايت جي واٽ ملي ۽ اهي ڀٽڪيل ماڻهو، ان نورِ مجسم، شفيعِ معظم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان نور جي خيرات ماڻي چنڊ تارا ٻڻجي خود نُور جون روشنيون ورهائڻ لڳا- اهي نور وارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻارهن (12) ربيعُ الاول جي ٻلاري ڏينهن هن ڪائنات ۾ جلوه افروز ٿيا-

الله پاڪ جو لک لک شڪر آهي جو جنهن اسان کي هڪ ڀيرو ٻيهر عظيمُ الشان فضيلتن ۽ برڪتن ڀري مُقدّس ٻارهين جي رات نصيب فرمائي. اِجوڪي رات اها عظيم رات آهي جو جنهن ۾ محبوبِ ربّ، سلطانِ عرب، رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم، شاهِ بني آدم، نبي محتشم، شافعِ اُمم، سراپا جُود

و ڪرم، دافعِ رَنج و اَلَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جي** دنيا ۾ تشريف آوري ٿي- **اِجوڪي رات اها عظيم رات آهي** جيڪا تمام راتين جي سردار آهي، **اِجوڪي رات اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ آمِنہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا **جي** گهر مان اهڙو عظيم نور چمڪيو جنهن سان اولهہ ۽ اوڀر روشن ٿي ويو- **اِجوڪي رات اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ حڪمِ خداوندي سان ملائڪن جي آقا جبرئيلِ امين عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام اولهہ اوڀر ۽ خانہ ڪعبہ تي جهنڊو لڳايو- **اِجوڪي رات اها عظيم رات آهي** جو جنهن ۾ الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري تي اِيران جي بادشاهہ ڪسريٰ جي محل تي زلزلو آيو ۽ اِيران جو هڪ هزار سال کان ٻرندڙ آتش ڪدو خود بخود وسامي ويو- **اِجوڪي رات اها عظيم رات آهي** جو هن ۾ الله تعاليٰ جي حڪم سان آسمان ۽ جنّت جا دروازا کوليا ويا ها، **اِجوڪي رات اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ نور وارا آقا، مڪي مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نور جي خيرات ورهائڻ ۽ جهان کي پنهنجي نور سان جڳمڳائڻ جي لاءِ هن ڪائنات ۾ تشريف فرما ٿيا- اچو! بيان کان پهريان عاشقِ ماهِ ميلاد ۽ عاشقِ ماهِ رِسالت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي عطا ڪيل نعرن سان هن نوراني رات جو اِستقبال ڪيون ٿا، ٿي سگهي تہ مدني پرچم بلند ڪري وڏي جوش ۽ جذبي، محبت ۽ عقيدت سان **مرحبا يا مصطفيٰ** جي ڌُوم مچايو-

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا،
رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، مٺي جي آمد ... مرحبا،
سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا... مرحبا،
مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي
مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نورِ مصطفيٰ سڀ کان پهريان

حافظ الحديث حضرت امام ابوبڪر عبدالرَّزّاق رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه پنهنجي ڪتاب

www.dawateislami.net

”اَلْمُصَنَّف“ ۾ حضرتِ سيدُنا جابِر بن عبدالله انصاري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا کان روايت ڪئي، اهي چون ٿا، مون عرض ڪيو: ”يارسولَ الله (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)! منهنجا ماءُ پيءُ حُضور (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) تي قربان! مون کي ٻڌايو تہ سڀ کان پهريان الله پاڪ ڪهڙي شيءِ ٺاهي؟“ فرمايائون: ”اي جابِر ! بيشڪ بِاليقين، الله پاڪ تمام مخلوقات کان پهريان تنهنجي نبي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نور پنهنجي نور مان پيدا فرمايو-“ (فتاوي رضويه،٦٥٨/٣٠ ، الجزءُ المفقُود مِن الجزء الاوّل مِنَ المُصَنَّف لِعبدالرّزّاق، ص ٦٣، حديث:١٨از سياه فام غلام)

جڏهن تہ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي ڪتاب ”حکايتين اور نصيحتين“ جي صفحي 468 تي آهي: حضرت سيدنا ڪعبُ الاَحبار رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي: جڏهن الله پاڪ موجودات کي پيدا فرمائڻ جو ارادو ڪيو ۽ زمين کي وڇايو ۽ اسمانن کي بلند ڪيو تہ پنهنجي فيض ذات مان مُٺ برابر ڪٽي ان کي ارشاد فرمايو: اي نور! محمد (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) بڻجي وڃ- ان نور هڪ نوري ٿنڀي جي صورت اختيار ڪئي ۽ ايتري قدر روشن ٿيو جو عظمت جي پردي تائين وڃي پهتو ۽ ربّ ڪائنات کي سجدو ڪيائين ۽ چيائين: اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ يعني سڀ خوبيون الله پاڪ جي لاءِ آهن- تہ الله پاڪ ارشاد فرمايو: مون توکي انهيءَ ڪري پيدا فرمايو آهي ۽ تنهنجو نالو محمد (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) رکيو آهي، تون سان ئي پنهنجي مخلوق جي ابتدا ڪندس ۽ تو تي ئي پنهنجي رسالت جو سلسلو ختم ڪندس- پوءِ الله پاڪ ان نور جا چار حصا ڪري هڪ حصي سان لوحِ محفوظ ۽ ٻئي سان قلم کي پيدا فرمايو پوءِ قلم کي ارشاد فرمايو: لک! تہ قلم تي هڪ هزار سال تائين هيبتِ الٰهي سبب ڏڪٽي طاري رهي- ان کان پوءِ قلم عرض ڪيو: اي منهنجا ربّ! ڇا لکان؟ ارشاد فرمايائين: لَآاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰہ لک- پوءِ قلم لکيو ۽ مخلوق جي باري ۾ علمِ الٰهي تي رسائي ماڻي- پوءِ ان هي ڳالهيون لکيون: (١)---حضرت سيدُنا آدم عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہ الصَّلوٰۃُ وَالسَّلَام جي پُشت مبارڪ ۾ موجود اولاد جو تعداد- (٢)--- جيڪو اطاعتِ الٰهي ڪندو الله پاڪ ان کي جنت ۾ داخل ڪندو ۽ جيڪو ان جي نافرماني ڪندو ان کي دوزخ ۾ وجهي ڇڏيندو- اهڙي طرح (٣)---حضرت سيدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہ الصَّلوٰۃُ وَالسَّلَام، حضرت سيدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہ الصَّلوٰۃُ وَالسَّلَام ۽ حضرت سيدُناعيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہ الصَّلوٰۃُ وَالسَّلَام جي اُمّتن بابت بہ لکيو، ايستائين جو جڏهن حضور نبيِ مُڪرَّم، نُورِ مُجسَّم، رسولِ اَڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اُمّت جي متعلق لکيو تہ

جنهن الله پاڪ جي اطاعت ڪئي هو ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو ۽ جنهن الله پاڪ جي نافرماني ڪئي، قلم اهو جملو ”هو ان کي جهنم ۾ وجهي ڇڏيندو“ اجا لکڻ ئي چاهيو ٿي ته الله پاڪ جي طرفان ندا ٿي: اي قلم! ڪجهه ادب سان- ته اهو هيبت ۽ جلال الٰهي سان شق ٿي ويو، پوءِ دستِ قدرت سان تراشيو ويو- تڏهن کان قلم ۾ اَها ڳالهه جاري ٿي وئي ته تراشڻ جي بغير ناهي لکندو- پوءِ الله پاڪ قلم کي ارشاد فرمايو: هن اُمّت بابت لک: هيءَ اُمَّت گنهگار آهي ۽ رب ڪريم غفّار (يعني گهڻو بخشيندڙ) آهي- پوءِ الله پاڪ ٽئين حصي سان عرش کي پيدا ڪيو- پوءِ چوٿين حصي جا وڌيڪ چار حصا ڪري پهرين حصي مان عقل، ٻي مان معرفت، ٽئين مان سج، چنڊ ۽ اکين جو نور ۽ ڏينهن جي روشني پيدا فرمائي ۽ هي سڀ حقيقتاً نبي مختار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي جا انوار آهن- ۽ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام ڪائنات جي اصل آهي- ان کان پوءِ الله پاڪ نور جي ان چوٿين قسم جي چوٿين حصي کي بطورِ امانت عرش جي هيٺ رکي ڇڏيو- پوءِ جڏهن الله پاڪ حضرت سيدُنا آدم صفي الله عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي پيدا فرمايو ته اهو نور ان جي پُشت مبارڪ ۾ رکيو- پوءِ اهو مبارڪ نور هميشه طيب وطاهر ۽ برتر ۽ اعلي ماڻهن ۾ منتقل ٿيندو رهيو- ايستائين جو پاڪ وصاف ۽ معظم ومڪرم حالت ۾ حضرت سيدُنا عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تائين پهتو-

پوءِ جڏهن الله پاڪ نورِ محمدي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سيده آمنه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي بطنِ اَطهر ڏانهن منتقل فرمايو ته ان منتقل ٿيڻ سان گڏ ئي وڏيون وڏيون نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳيون- سڄي مخلوق هڪ ٻي کي بشارتون ڏيڻ لڳي، زمين ۽ آسمان ۾ اعلان ڪيو ويو: اي عرش! وقار سنجيدگي جو نقاب ڪر- اي ڪرسي! فخر جي زِره پائي وٺ- اي سِدرةُ المنتهيٰ! خوشي ۾ جهوم- اي هيبت ۽ رعب و دبدبي جا انوار! توهان به خوب روشن ٿي وڃو- اي جنّت! خوب سينگارجي وڃ- اي محلن جون حُورون! توهان به بلندي تان ڏسو- اي رضوان (جنت جا داروغه)! جنت جي دروازن کي کولي ڇڏ ۽ حُور و غِلمان کي زينت سان سينگاري ڪائنات کي خوشبوئن سان معطّر ڪري ڇڏ- اي مالڪ (جهنم جا داروغا)! جهنم جا دروازا بند ڪري ڇڏ- چوته اجوڪي رات منهنجي قدرت جي خزانن ۾ لڪيل نورِ ۽ راز عبدالله کان جدا ٿي آمنه جي بطن ۾ منتقل ٿيڻ وارو آهي ۽ جنهن گهڙي اهو نور منتقل ٿيندو، انهيءَ لمحي ۾

پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مڪمل صورت ڏيندس ۽ اهو ماڻهن جي سامهون ڪامل انسان ظاهر ٿيندو- منقول آهي تہ نورِ محمدي جي منتقل ٿيڻ واري رات هر گهر ۽ مڪان ۾ نور داخل ٿي ويو ۽ هر چوپايو گفتگو ۾ مشغول ٿي ويو- حضرت سيدَتُنا آمنہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ارشاد فرمائن ٿيون: ”جيستائين پاڻ سڳوراصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي شڪم ۾ تشريف فرما رهيا، مون ڪڏهن بہ درد يا تڪليف، وزن يا پيٽ ۾ وٽ محسوس نہ ڪيا- پورن نون (9) مهينن کان بعد پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت ٿي وئي-“ (حڪايتين ۽ نصيحتين، ص٤٦٨ تا٤٧٣ ملتقطاً)

حضرت بي بي آمنہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا خود فرمائن ٿيون: جڏهن سرڪارِ نامدار، حبيبِ پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن ڪائنات ۾ تشريف فرما ٿيا تہ هڪ نُور نڪتو ٿيو، جنهن سان هر شيء روشن ٿي وئي، ايستائين جو نُور جي علاوه ٻيو ڪجھ نظر نہ ايندو هو- (الخصائص الکبري، باب ما ظهر في ليلة مولده من المعجزات و الخصائص،١/ ٧٨ )

حضرت سيدتنا آمنہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا وڌيڪ فرمائن ٿيون: حضورِ انور، مالڪ ڪوثر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جي وقت مون هڪ نُور ڏٺو، جنهن سان شام جا محل روشن ٿي ويا ۽ مون اهي محلاّت ڏٺا- (الخصائص الکبري، باب ما ظهر في ليلة مولده من المعجزات و الخصائص،١/٧٩ )

آمنہ تجھ کو مُبارک شاہ کا مِیلاد ہو　　تیرا آنگن نُور، تیرا گھر کا گھر سَب نُور ہے
آمدِ سرکار سے ظُلمت ہوئی کافُور ہے　　کیا زمیں کیا آسمان ہر سَمت چھایا نُور ہے
ہو رہی ہیں چار جانب بارشیں اَنوار کی　　دَشت و کُہسار و چمن ہر شے پہ چھایا نور ہے
عید مِیلادُالنّبی ہے دِل بڑا مسرُور ہے　　ہر طرف ہے شادمانی رنج و غم کافور ہے
اس طرف جو نور ہے تو اس طرف بھی نور　　ذرّہ ذرّہ سب جہاں کا نُور سے معمور ہے

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، مٺي جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا... مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا
مرحبا يا مصطفي　　مرحبا يا مصطفي　　مرحبا يا مصطفي　　مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي پائرو! هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ تمام انسان حضرت آدم عَلَیْهِ السَّلَام جا اولاد آهن ۽ جناب آدم عَلَیْهِ السَّلَام کي مٽي مان پيدا ڪيو ويو اهڙي طرح اهي پاڻ ۽ سندن تمام اولاد خاڪي آهي، اسان جا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ هن ڪائنات ۾ بشر بڻجي تشريف فرما ٿيا- پر سندن حقيقت نور آهي- حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بشر بہ آهن ۽ نور بہ يعني نوراني بشر آهن- ظاهري جسم شريف بشر آهي ۽ حقيقت نور آهي- (رسالَهٔ نُور مع رسائل نعيميه، ص٣٩) پاڻ ڪريم عَلَیْهِ السَّلَام جي بشريت جو انڪار هرگز نٿو ڪري سگهجي- سرڪارِ اعليٰ حضرت، امام اَحمد رَضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَیْه فرمائن ٿا: تاجدارِ رسالت، شَهنشاه نُبُوَّت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بَشَرِيت جو مُطَلقاً (بالڪل) انڪار ڪفر آهي- (فتاوٰي رضويه ج١٤ ص ٣٥٨)

قرآن پاڪ ۾ بہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نور فرمايو ويو آهي- جيئن اللّٰه ڪريم سيپاري 6 سورة المائده جي آيت نمبر 15 ۾ ارشاد آهي:

## پاڻ ڪريم ﷺ جي نورانيت بابت آيت سڳوري

قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ توهان وٽ الله جي طرفان هڪ نور آيو ۽ روشن ڪتاب

(پ ٦، المآئده: ١٥)

تفسير ”خزائن العرفان“ ۾ آهي: (هن آيت ۾) سيد عالم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نور چيو ويو ڇوتہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (جي وسيلي) سان ڪفر جي اونداهي دُور ٿي ۽ حق جي واٽ واضح ٿي- (تفسير خزائن العرفان،پاره ٦،المائدة: ١٥،ص٢١٣) هن آيت سڳوري تحت امام ابوجعفر محمد بن جرير طبري، امام ابو محمد حسين بغوي، امام فخرا لدين رازي، امام ناصر الدين عبداللّٰه بن عمر بيضاوي، علامہ ابوالبرڪات عبداللّٰه نسفي، علامہ ابوالحسن علي بن محمد خازن، امامِ جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللّٰه عَلَيهِم اَجْمَعِين سميت ڪوڙ مفسرن فرمايو تہ آيتِ طيبہ ۾ موجود لفظ ”نور“ مان مراد نبي پاڪ، فخرِ موجودات صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ بابرڪات آهي- (ماهنامه فيضانِ مدينه، دسمبر٢٠١٧،ص٨)

www.dawateislami.net

اهڙي طرح سيپاري 22، سورة الاحزاب ايت 45 ۽ 46 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّبِىُّ اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿۴۵﴾ وَّ دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَ سِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿۴۶﴾ (پ ٢٢،الاحزاب:۴۵-۴۶)

**تَرْجَموڪنزالايمان:** اي غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ (نبي) بيشڪ اسان تو کي موڪليو حاضر ناظر ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري. ۽ الله جي طرف ان جي حڪم سان سڏيندڙ ۽ روشن ڪندڙ سج.

حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قرآن شريف سج کي به ٻي جاءِ تي سراج منير فرمايو آهي چوته اهو چمڪي به ٿو ۽ چمڪائي به ٿو- اهو ئي سج چنڊ تارن کي نور ٻخشي ٿو، چوته اهي سيئي سج مان ئي نور حاصل ڪندا ۽ جڳمڳائيندا آهن- اهڙي طرح حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي به سراجِ منير فرمايو جو حضور پاڻ به چمڪي رهيا آهن ۽ صحابهَ ڪرام ۽ اولياء الله کي نور بخشي رهيا آهن چوته اهي سڀ حضور ئي سان جڳمڳائي رهيا آهن- (رسالهٔ نور مع رسائلِ نعيميه، ص۱۲)

چمک تجھ سے پاتے ہیں سب پانے والے — مرا دل بھی چمکا دے چمکانے والے
تُو زندہ ہے وَاللہ تُو زندہ ہے وَاللہ — مرے چشمِ عالم سے چھپ جانے والے

**مختصر وضاحت:** پهرين شعر جو مطلب آهي ته جهان ۾ جيڪو به چمڪي رهيو آهي، اي نوري چمڪ وارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهو اوهان جي نور جي صدقي ۾ ئي چمڪي رهيو آهي، ته منهنجا نوراني آقا! منهنجي دل جيڪا گناهن جي ڪري ڪاري ٿي چڪي آهي، ان تي به نظرِ منور وجهي چمڪائي ڇڏيو- **ٻي شعر** جو مطلب آهي ته اي پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله جو قسم! اوهان زندهه آهيو، الله جو قسم! اوهان زنده آهيو، اوهان صرف منهنجي ظاهري اکين کان پردو ڪيو آهي، نه ته زمانو اڄ به اوهان جي نور سان شاد وِ آباد آهي-

جبڪ صدر الافاضل حضرت علامہ مفتي محمد نعيم الدين مرادابادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن آيت (·XV·2·ﺪﻠ·) جي تحت جيڪو ڪجهه ارشاد فرمايو آهي، ان جو خلاصو ڪجهه هن طرح آهي: ❖ نبي اڪرم، شفيعِ معظم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جي نورِ نبوت هزارين سجن (Suns) کان وڌيڪ روشني پهچائي آهي- ❖ ڪفر ۽ شرڪ جي انڌيرن کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي نورِ حقيقت سان پري ڪيو- ❖ معرفت ۽ توحيدِ الٰهي تائين پهچڻ جون راهون پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي نورِ حقيقت سان روشن ڪيون- ❖ گمراهي جي اونداهه وادي ۾ ڀٽڪڻ وارن کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي نورِ هدايت سان راهه ڏيکاري- ❖ ماڻهن جي اکين کي، دلين کي ۽ روحن کي پاڻ ڪريمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي نورِ نبوت سان منور ڪيو- ❖ حقيقت اها آهي ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وجود مبارڪ اهڙو آفتابِ عالم تاب آهي جنهن هزارين آفتاب ٺاهي ڇڏيا-(يعني پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ، وجود جهان کي روشن ڪندڙ اهڙو سج آهي جنهن هزارين سج روشن ڪيا-)

(تفسير خزائن العرفان،پاره ٢٢،الاحزاب:٤٥-٤٦،ص٧٨٤ بتغير)

امام اهلسنت،سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تمام پيارو محبت ڀريو خيال پيش ڪن ٿا:

بارہویں کے چاند کا مُجرا ہے سجدہ نور کا  
بارہ بُرجوں سے جھکا ایک اِک ستارہ نور کا

تیرے ہی ماتھے رہا اے جان سہرا نور کا  
بخت جاگا نور کا چمکا ستارا نور کا

تو ہے سایہ نور کا ہر عضو ٹکڑا نور کا  
سایہ کا سایہ نہ ہوتا ہے نہ سایہ نور کا

پڑتی ہے نوری بھرن اُمڈا ہے دریا نور کا  
سر جھکا اے کشتِ کفر آتا ہے اہلا نور کا

ناریوں کا دور تھا دل جل رہا تھا نور کا  
تم کو دیکھا ہو گیا ٹھنڈا کلیجا نور کا

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، سڻي جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا... مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! قرانِ پاڪ جون ڪيئي اهڙيون مبارڪ آيتون آهن جن ۾ نبي اڪرم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي نُور چئي خطاب فرمايو ويو آهي، اچو! محبتِ رسول ۾ وڌيڪ اضافي جي نيت سان اهڙيون ڪجھ پيون آيتون ٻڌون ٿا:
جيئن، سيپاري 18 سوره نور آيت نمبر 35 ۾ ارشاد آهي:

اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِؕ مَثَلُ نُوْرِهٖ كَمِشْكٰوةٍ فِیْهَا مِصْبَاحٌؕ

تَرجمو ڪنزالايمان: آسمان ۽ زمين جو ان جي نور جو مثال ايئن آهي جيئن هڪ طاقچو جنهن ۾ ڏيئو آهي.

(پ۱۸،النور:۳۵)

تفسيرِ ڪبير ۾ امام رازي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: هن آيت ۾ مَثَلُ نُوْرِهٖ مان مراد حُضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن. (تفسيرڪبير،۸/۳۴)

اهڙي طرح سيپاري 30 سورۂ فجر آيت نمبر 1 ۽ 2 ۾ ارشاد آهي:

وَ الْفَجْرِۙ(۱) وَ لَیَالٍ عَشْرٍۙ(۲)

ترجَمو ڪنزالايمان: ان صبح جو قسم ۽ ڏهن راتين جو

(پ۳۰،الفجر:۱،۲)

هن آيت سڳوري جي تفسير ۾ آهي ته وَالْفَجْرِ مان مراد نبي ڪريم، صاحبِ خُلقِ عظيم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن، ان ڪري جو نبي ڪريم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ايمان جا مطلع آهن، يعني ايمان جو سوجهرو سڄي دنيا ۾ پاڻ ڪريم عَلَیْہِ السَّلَام سان ظاهر ٿيو. (شفاءشريف،۱/۳۴ )

اهڙي طرح سيپاري 30 سورهٔ طارق، آيت نمبر 1تا3 ۾ ارشاد آهي:

وَ السَّمَآءِ وَ الطَّارِقِۙ(۱) وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا الطَّارِقُۙ(۲) النَّجْمُ الثَّاقِبُۙ(۳)

ترجَمو ڪنزالايمان: آسمان جو قسم ۽ رات جو اچڻ واري جو. ۽ تو کي ڪا خبر پئي اهو رات جو اچڻ وارو ڇا آهي. خوب چمڪندڙ تارو.

(پ۳۰،الطارق:۱،۲،۳)

هن آيت سڳوري ۾ اَلنَّجْمُ الثَّاقِب مان مراد نورِ مجسم سيدِ عالم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ

وَسَلَّم جي ذات آهي- (شفاءشريف،١/٣٢)

اهڙي طرح سيپاري 30 سورة وَ الضُّحٰي آيت نمبر 1 اور2 ۾ ارشاد آهي:

وَالضُّحٰى ۙ﴿۱﴾ وَالَّيۡلِ اِذَا سَجٰى ۙ﴿۲﴾

ترجَمَو كنزالايمان: چڙهندڙ ڏينهن جو قسم ۽ رات جو جڏهن پردو وجهي.

(پ٣٠، الضُّحٰي:١،٢)

مفسر سڳورا فرمائن ٿا: چاشت مان جمالِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور ڏانهن اشارو آهي ۽ رات مان پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ وارن ڏانهن اشارو آهي- (روح البيان، الضّحي، تحت الآية: ٢، ١٠/٤٥٣)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نور ڇا کي چئبو آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نور جي معنيٰ آهي: روشني، چمڪ ڏمڪ ۽ سوجهرو- ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو جنهن مان روشني ۽ سوجهرو ظاهر ٿئي ان کي بہ نور چيو ويندو آهي- جيئن سج کي نور چوندا آهن ان ڪري جو ان مان نور نڪرندو آهي- اهڙي طرح چراغ، لالٽين (Lantern) وغيره کي بہ نور چيو ويندو آهي- (رسالَة نور مع رسائل نعيميه، ص ٣ بتغير)

نور جا ٻه قسم آهن: (1) نُورِ حِسّي　(2) نورِ عَقلي

**نورِ حسّي** ان نُور کي چيو ويندو آهي جيڪو اکين سان نظر اچي- جيئن اُس، چراغ ۽ بجلي وغيره جي روشني-

**نورِ عقلي** ان نُور کي چئبو آهي جيڪو اکين سان محسوس تہ نہ ڪري سگهجي پر عقل چوي تہ اهو نور آهي- انهيء معنيٰ ۾ **اسلام کي، هدايت کي ۽ علم کي نور** چيو ويندو آهي- (رسالَة نور مع رسائل نعيميه، ص ٣ بتغير)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا، مڪي مدني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نورانيت اهڙي آهي جيڪا عقلاً بہ ثابت آهي ۽ ڪيئي صحابہَ ڪرام

عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي نورانيت جو پنهنجي اکين سان مشاهدو به ڪيو آهي- نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور هئڻ بابت عقلي دليل ڏيندي حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ❖حضورِ پُرنور، شافعِ يومُ النّشورصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسمِ اقدس جو سايو نه هجڻ به سندن نور هئڻ جي نشاني آهي- ❖ رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسمِ اطهر مان اهڙي خوشبو جو ظاهر ٿيڻ جو محلا ۽ گهٽيون مهڪي وجن اهو به نورانيت ئي جي ڪري آهي- ❖ معراج شريف ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسم شريف جو باهه ۽ زمهرير مان گذري وڃڻ ۽ ڪجهه اثر نه ٿيڻ اهو به پاڻ ڪريم عَلَيه السَّلَام جي نورانيت جي سبب آهي، ❖ اهڙي طرح آسمانن جي سير ڪرڻ، جتي هوا نه هجي اتي به سندن زنده رهڻ، اهو به انهيء ڪري آهي جو حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نور آهن- ❖ اهڙي طرح شرح صدر جي وقت مبارڪ سِيني مان دل ڪڍي فرشتن جو ان کي ڌوئڻ ۽ حضور جو زنده رهڻ اهو به انهي ڪري هو ته حضور عَلَيه السَّلَام نور آهن- (رسالَهٔ نور مع رسائلِ نعيميه، ص۹،۱۰ بتغير) مولانا حسن رضا خان صاحبرَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡهِفرمائن ٿا:

ترا ظہور ہوا چشمِ نور کی رونق
ترا ہی نور ہے بزمِ ظہور کی رونق

زبانِ حال سے کہتے ہیں نقشِ پا ان کے
ہمیں ہیں چہرۂ غلمان و حور کی رونق

حضور! تیرہ و تاریک ہے یہ پتھر دِل
تجلیوں سے ہوئی کوہِ طور کی رونق

تمہارے نور سے روشن ہوئے زمین و فلک
یہی جمال ہے نزدیک و دور کی رونق

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نور روشني کي چوندا آهن، چمڪ ڌمڪ کي چوندا آهن، سوجهري کي چوندا آهن، اسان ڏسون ٿا ته چنڊ به روشن آهي ۽ سج به روشن آهي- پر انهن ٻنهي جي روشني ۾ فرق آهي، چنڊ پنهنجي روشني سان روشن نه آهي بلڪ سج جي روشني سان روشن آهي- جڏهن ته سج نه صرف پاڻ روشن آهي بلڪ اهو پنهنجو نور ٻين کي ورهائي رهيو آهي، چنڊ، تارا ۽ وڏيون وڏيون ڪهڪشائون ۽ بي شمار سيارا ۽ تارا اهي سڀ جا سڀ سج جي نور سان روشن آهن-

بِلاتشبيه اسان جي نور نور آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به نورانيت جا سچ آهن، نورِ حقيقي هجي يا نورِ عقلي ۽ معنوي هجي، مديني جا تاجدار، حبيبِ پروردگار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بنهي جا مرڪز ۽ مرجع آهن- ڪيئي صحابہٴ ڪرام ۽ صحابيات عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان پاڻ ڪريم عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نور جو مشاهدو ڪيو ۽ روايتن ۾ بيان بہ فرمايو- اچو انهيءَ باري ۾ ٽي روايتون ٻڌون ٿا:

## حضور ﷺ مرڪيا تہ هر پاسي روشني ٿي

(1) حضرت هند بن ابي هالہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو بيان آهي تہ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڳل مبارڪ نرم ۽ نازڪ ۽ هموار هئا ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو منہ فراخ، ڏند ڪشاده ۽ روشن هئا، جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گفتگو ڪندا هئا تہ سندن بنهي اڳين ڏندن جي وچ مان هڪ نور نڪرندو هو ۽ جڏهن بہ اونداهي ۾ پاڻ مُرڪندا هئا تہ ڏندن مبارڪ جي چمڪ سان روشني ٿي ويندي هئي- (الشمائل المحمدية ، باب ماجاء في خلق رسول الله،الحديث:١٤،٧،ص ٢١،٢٢ ملخصاً)

## مصطفيٰ ڪريم ﷺ جهڙو ڪو آيو ئي ناهي

(2) حضرت سَيدُنا جابر بن سَمُره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي چانڊوڪي رات ۾ ڳاڙهو (ڌاري دار) جبو پاتل ڏٺو، مان ڪڏهن چنڊ ڏانهن ڏسان پيو ۽ ڪڏهن رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهره اَنور کي ڏسان پيو، تہ مون کي سندن چهرو چنڊ کان بہ وڌيڪ خُوبصُورت نظر پئي آيو- (ترمذي،كتاب الأدب، باب ماجاء في الرخصة في لبس ---الخ، ٣٢٠/٤، حديث :٢٨٢٠ )

مشهور مُفسرِ قرآن،حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰه عَلَيه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ جيڪو ڪجهہ لکيو آهي ان مان ڪجهہ مدني گل ٻڌون ٿا:❖ صَحابہٴ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جون نگاهون حقيقت بين نگاهون هيون، (يعني حقيقت ڏسڻ واريون هيون)- ❖ ڪيئي سببن جي ڪري نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو چنڊ کان بہ وڌيڪ حسين آهي- ❖ چنڊ صرف رات ۾ چمڪي ٿو، مصطفيٰ ڪريم جو چهرو ڏينهن رات چمڪي ٿو- ❖ چنڊ صرف ٽي راتيون (آب و تاب سان) چمڪي ٿو چهره مصطفيٰ هميشہ هر ڏينهن ۽ هر رات چمڪي ٿو- ❖ چنڊ جسمن کي چمڪائيندو آهي چهرهٴ مصطفي

جسمن سان سان گڏ دلين کي بہ چمڪائيندو آهي- ❖ چنڊ صرف جسمن کي نور ڏي ٿو جڏهن تہ چهره مصطفيٰ ايمان کي نور ڏي ٿو- ❖ چنڊ گهٽجدو آهي پوءِ وڌندو آهي جڏهن تہ چهره مصطفيٰ گهٽجڻ کان محفوظ آهي- ❖ چنڊ کان عالَمِ اَجسام جو نظام قائم آهي، جڏهن تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان عالَمِ ايمان جو نظام قائم آهي- (مِراٰةُ المَناجِيح، باب اسماء النبي۔۔۔الخ،الفصل الثاني،٨/٦٠)

آسماں کے چاند میں تو چھپکا چھپکا نور ہے | آگیا وہ نور والا جس کا سارا نور ہے
صبح میلاد النبی ہے کیا سہانا نور ہے | آگیا وہ نور والا جس کا سارا نور ہے
آنکھ والو آؤ دیکھو ماہِ طیبہ کی ضیا | آسماں کے چاند میں تو چھپکا چھپکا نور ہے
تُو نہ ہوتا تو نہ ہوتا دو جہاں کا انتظام | تُو زمیں کا نور ہے تُو آسماں کا نور ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چهرو مبارڪ سج جيان چمڪي رهيو هو

(3) هڪ ڀيري حضرت عمّار بن ياسر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي پوٽي حضرت ابو عبيده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ حضرت ربيعہ بنتِ مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي عرض ڪيو تہ اوهان مون کي حضور پُرنُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُسن و جمال جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو- انهن چيو: يا بُنَيَّ لَوْ رَأَيْتَهُ رَأَيْتَ الشَّمْسَ طَالِعَةً اي پٽ جيڪڏهن تون حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو مبارڪ ڏسين ها تہ تون کي ائين لڳي ها تہ جيئن سج چمڪي رهيو آهي- (دارمي ،باب في حسن النبي ،١/٤٤)

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا... مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ ڪم "مَدرَسةُ المدينہ بالِغان"

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** رحمت عالم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت وذائڻ، انهن جي **نور جي خيرات** ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابستہ (Attached) ٿي ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو- ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "**مَدرَسةُ المدينہ بالغان**" بہ آهي- اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ❖ مَدرَسة المدينہ بالغان جي بَرَڪت سان دُرُست قرآن ڪريم پڙهڻ نصيب ٿيندو آهي، ❖ مَدرَسةَ المدينہ بالِغان نماز، وُضو ۽ غُسْل وغيره ضروري اَحڪام سکڻ جو بهترين ذَريعو آهي، ❖ مَدْرَسة المدينہ بالِغان ۾ حاضِري جي بَرَڪت سان چڱي صُحبت مُيسّر ٿيندي آهي،❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان قرآن ڪريم پڙهڻ پڙهائڻ جي سعادت ملندي آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪَت سان عِلمِ دِين جي دَولت نصيب ٿيندي آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان مَدَني اِنعامات تي عمل جو جذبو ملندو آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان چڱا اَخلاق اپنائڻ جو موقعو ملندو آهي، ❖ مَدرَسة المَدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان مسجد ۾ ويهڻ جو ثواب ملندو آهي، تنهنڪري دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان هر دَم وابستہ رهو ۽ ان جون خوب خوب برڪتون حاصل ڪريو، اچو! مَدرَسة المدينہ بالِغان ۾ پڙهڻ جي بَرَڪت تي مُشتَمِل هڪ مَدَني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## بدنگاهي جي عادت کان نجات ملي وئي

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان فلمون دِراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ ۽ بدنگاهي ڪرڻ جو عادِي هو، نمازن جي پابندي جو بہ ذِهن نہ هو، ڪنهن اسلامي ڀاءُ اِنفِرادي ڪوشِش ڪندي ان کي مَدرَسة المدينہ (بالِغان) ۾ شِرڪت جي دعوت ڏني، اُن مَدرَسة المدينہ (بالِغان) ۾ پڙهڻ شُروع ڪيو، اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرَسة المدينہ (بالِغان) جي بَرَڪت سان هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتماع ۾ شِرڪت جو معمول بڻجي ويو ۽ هو اَميرِاَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مُريد ٿي نمازي ۽ مسجد ۾ دَرس ڏيڻ وارو بڻجي ويو، اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ فلمون دِراما، گانا باجا، بدنگاهي وغيره گناهن

کي چڏي ڏنائين ۽ پنهنجي گهر وارن تي بہ اِنفِرادي ڪوشِش ڪندي اُنهن کي بہ نمازي بنائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن-

بُری صُحبتوں سے کنارہ کشی کر کے اچھوں کے پاس آ کے پا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٽيلي ٿون جي ترغيب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ 104 کان وڌيڪ **شعبن** جي ذريعي دِين و سنّت جو پيغام عام ڪري رهي آهي، انهن شعبن ۾ **جامعة المدينہ** ۽ **مدرسة المدينہ** بہ شامل آهن، جتي قرآن پاڪ ۽ علمِ دين جي تعليم في سبيل الله ڏني ويندي آهي، سڄي دنيا ۾ 3000 (ٹی ھزار) کان وڌيڪ **مدارس المدينہ** ۾ 144000(هڪ لک چوئيتاليهه هزار) کان وڌيڪ مدني مُنّا ۽ مدني مُنّيون قرآني تعليم سان پاڻ کي آراستہ ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ اجا تائين 300000 (ٽي لک) کان وڌيڪ مدني مُنّا ۽ مدني مُنّيون حفظ ۽ ناظره جي سعادت حاصل ڪري چڪيون آهن، جڏهن تہ سڄي دنيا ۾ 606 **جامعات المدينہ** ۾ 50000 (پنجاهہ هزار) کان وڌيڪ **شاگرد ۽ شاگرديائيون** دِيني تعليم پرائڻ ۾ مشغول آهن، صرف هنن ٻن شعبن جا اخراجات سالانہ **ڪروڙين روپيا** آهن-

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ 2 **ڊسمبر** 2018ء،23 ربيع الاول 1440ھ بروز آچر ڏينهن 02:00 کان رات 02:00 ٽيلي ٿون جي ترڪيب ٿيندي- في يونٽ 10 هزار جو هوندو، ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ۾ دعوتِ اسلامي جي زيرِ انتظام هلندڙ **مدارس المدينہ** ۽ **جامعات المدينہ** جي سموري خرچ جي لاءِ پنهنجي صدقات سان تعاون ڪريو-

پياري آقا، ٻنهين جهانن جي داتا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ غيب نشان آهي :"آخري زماني ۾ دِين جو ڪم بہ دِرهم ۽ دِينار سان ٿيندو-" (المعجم الكبير، ٢٠/٢٧٩،حديث:٦٦٠،ملخصاً) اڄ جي دور جا جيڪي تقاضا آهن اهي ڪنهن سان لڪيل نہ آهن، ان ڪري دِين جي ڪمن ۾ تعاون جي لاءِ پنهنجي صدقات، عطيات ۽ خيرات وغيره سان تعاون فرمايو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جو ڏنل صدقو دنيا ۽

اخرت ۾ ڪوڙ فائدن جو سبب بڻجندو،

اِمامِ اهلسنّت،مجدّدِدِين و ملّت امام احمدرضاخانرَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن فتاويٰ رضويہ جلد23،صَفحي 152 تي صدقي جي فضيلتن بابت حديث مبارڪ مان حاصل ٿيل جيڪي فائدا ذڪر ڪيا آهن، تنهن ۾ هي بہ آهن: ❖ **الله** پاڪ جي حڪم سان (صدقو ڏيندڙ) بُري موت کان بچندا، ستّر دروازا بُري موت جا بند ٿيندا- ❖ ان( ڏڏيتني صدقو ڏيندڙ) جون عُمرون گهٽيون ٿينديون- ❖ (صدقو ڏيندڙن وٽ) رزق جي وسعت، مال جي گهٽائي ٿيندي، ❖ (۽ صدقو ڏيندڙ) صدقو ڏيڻ جي عادت سبب ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندا- ❖ (صدقو ڏيندڙ) خير و برڪت ماٽيندا- ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) آفتون بلائون پري ٿينديون، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) بُري قضا ٽرندي، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) ستر (70) دروازا برائي جا بند ٿيندا، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) ستر(70) قِسم جون بلا پري ٿينديون- ❖ (صدقو ڏيندڙن سان) مددِ الٰهي شامل ٿيندي- ❖ رحمتِ الٰهي انهن (يعني صدقو ڏيندڙن) جي لاءِ واجب ٿيندي- ❖ ملائڪ اُنهن (يعني صدقو ڏيندڙن) تي درود موڪليندا-

ان کان علاوه بہ ڪوڙ دِيني ۽ دنيوي فائدا آهن جيڪي صدقي ڏيڻ سان حاصل ٿين ٿا، تنهنڪري ضرور بالضرور اوهان پاڻ بہ ٽيلي ٿون مهم ۾ تعاون ڪريو، پنهنجي مرحومن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ان ۾ يونٽ جمع ڪرايو، وڌيڪ نہ هجي تہ گهر جي هر فردَ جي طرفان گهٽ ۾ گهٽ هڪ يونٽ تہ ضرور جمع ڪرايو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو، يونٽ جمع ڪرڻ جو پنهنجو ڪو هدف ٻڌائي هيئنر کان ئي ان جي لاءِ رابطا شروع ڪري ڇڏيو-

الله پاڪ اوهان کي جزاءِ خير عطا فرمائي- اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان آقا ڪريم، رءوف رحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نورانيت بابت ٻڌي رهيا هئاسين، پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سراپا نور هئا، صحابہَ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سندن جسمِ اقدس مان نور جون شعاعون نڪرندي ڏسندا هئا، اهڙي طرح اهو بہ منقول آهي تہ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن شيء کي چاهيندا هئا ان کي بہ نور

www.dawateislami.net

ورهائڻ وارو ٻٽائي ڇڏيندا هئا، اچو تہ! نورِ نور آقا، منٺي منٺي مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور ورهائڻ بابت 5 واقعا پڙهون ٿا:

## روشن چهرو

(1) حضرتِ سَيدُنا اَسِيد بن اَبي اناس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: رسول ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري منهنجي چهري ۽ سيني تي پنهنجو نوراني هٿ ڦيريائون، ان جي بَرَڪت هي ظاهر ٿيَ تہ مان جڏهن بہ ڪنهن اونداهي گهر ۾ داخِل ٿيندو آهيان، اهو گهر روشن ٿي ويندو آهي- (الخَصائِصُ الکبْري،٢ /١٣٢وتاريخ دمشق،٢١/٢٠)

## لٺ روشن ٿي وئي

(2)حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بيان فرمائن ٿا تہ بہ صحابي حضرت اُسيد بن حضير ۽ عباد بن بشر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا اونداهي رات ۾ گهڻي دير تائين حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گفتگو ڪندا رهيا، جڏهن هي ٻئي بارگاهِ رسالت مان پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿيا تہ هڪ جي لٺ (Stick) خود بخود روشن ٿي وئي ۽ هو ٻئي انهيءَ لٺ جي روشني ۾ هلندا رهيا جڏهن ڪجھ پري هليا تان جو ٻنهي جي گهرن جي واٽ جدا ٿي تہ ٻئي جي لٺ بہ روشن ٿي وئي ۽ ٻنهي پنهنجي پنهنجي لٺ جي روشني جي سهاري سخت اونداهي رات ۾ پنهنجي پنهنجي گهرن تائين پهچي ويا- (مشكاة المصابيح،كتاب الفضائل والشمائل،باب الكرامات، الحديث:٥٩٤٣، ج٢، ص٣٩٩)

## وڻ جي ٽاري روشن ٿي وئي

(3) حضرت اَبوسعيد خدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري حضرت قتاده بن نعمان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان عشاء جي نماز پڙهي، سخت انڌيري رات ۽ آسمان تي ڪارا ڪکر هئا، روانگي مهل نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي دست مبارڪ سان انهن کي وڻ جي هڪ ٽاري عطا فرمائي ۽ ارشاد فرمايائون تہ توهان بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي پنهنجي گهر وڃو! اها ٽاري توهان جي هٿ ۾ ائين روشن ٿي ويندي جو ڏھ ماڻهو توهان جي اڳيان ۽ ڏھ ماڻهو توهان جي پويان ان جي روشني ۾ هلي سگهندا ۽ جڏهن توهان گهر پهچندؤ تہ هڪ ڪاري شيءِ کي ڏسندؤ ان کي ماري گهران ڪڍي ڇڏجو، پوءِ ائين ئي ٿيو جيئن ئي حضرت قتاده رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ رسول ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ گهر مان نڪتا تہ اها ٽاري روشن ٿي وئي ۽ اهي

ان جي روشني ۾ هلي پنهنجي گهر پهچي ويا ۽ ڏٺائون تہ اتي هڪ ڪاري شيءِ موجود آهي پاڻ فرمان نبوت مطابق ان کي ماري گهران ٻاهر ڪڍي ڇڏيو- (المسند للامام احمد بن حنبل،مسندابي سعيد الخدري،الحديث:١١٦٢٤،ج٤،ص١٣١)

## دستِ مبارڪ جي برڪت

(4) حضرت عائذ بن سعيد جسري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ رسولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ ٿيا ۽ عرض ڪيائون تہ يا رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اوهان منهنجي چهري تي پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيريو ۽ برڪت جي دُعا ڪريو، حضورِ انور، رسولن جي افسرصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ائين ئي ڪيو (يعني اُن جي چهري تي هٿ ڦيريائون ۽ برڪت لاءِ دُعا ڪيائون) اُن وقت کان حضرت عائذ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو چهرو ترو تازه ۽ نوراني رهندو هو- (الاصابه في تمييز الصحابه،عائذ بن سعيد ،٣/٤٩٣،رقم ٤٤٦٢)(سيرتِ رسولِ عربي صفحه٢٦٥)

## چهرو چمڪندو هو

(5) حضرت ابو سِنان عبدي صباحيرَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي چهري تي رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيريائون، انهن جي عمر 90 سال جي ٿي وئي پر سندن جو چهرو بجلي جيان چمڪندو هو- (الاصابه في تمييز الصحابه،ابو سنان العبدي ثم الصباحي ،٧/١٦٤،رقم١٠٠٦٦)

میں گدا تُو بادشاہ بھر دے پیالہ نور کا — نور دن دُونا ترا دے ڈال صدقہ نور کا
تاج والے دیکھ کر تیرا عمامہ نور کا — سر جھکاتے ہیں الٰہی بول بالا نور کا
جو گدا دیکھو لئے جاتا ہے توڑا نور کا — نُور کی سرکار ہے کیا اس میں توڑا نور کا

(حدائق بخشش،ص:٢٤٥)

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، سٺي جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا.. مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** غور ڪريو! تہ جيڪي سراپا نور آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن جي چهري تي دستِ پُرانوار ڦيرين تہ اهو روشني ڏيڻ لڳي، جيڪي سراپا نور آقاﷺ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لنين ۾ ٿارينِ تي توجه فرمائن تہ اهي برقي قمقمي جيان روشن ٿي وڃن تہ اهڙي نوراني آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پنهنجي نورانيت جو ڇا عالم هوندو، هنن واقعن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ! پاڻصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذات بظاهر بشريت هئي پر حقيقت ۾ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ **مٿي کان پيرن تائين نور ئي نور هئا.**

روشن کر قبر بیکسوں کی اے شمعِ جمالِ مصطفائی
اندھیر ہے بے ترے مِرا گھر اے شمعِ جمالِ مصطفائی
آنکھوں میں چمک کے دل میں آجا اے شمعِ جمالِ مصطفائی
تاریک ہے رات غمزدوں کی اے شمعِ جمالِ مصطفائی
پُر نور ہے تجھ سے بزمِ عالم اے شمعِ جمالِ مصطفائی

(حدائقِ بخشش، ص٣٦٣)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## برڪاتِ نبوت جو ظهور

جيئن منقول آهي تہ ولادت کان ڪجھ ڏينهن پهريان اصحابِ فيل جي هلاڪ ٿيڻ جو واقعو پيش اچڻ، فارس ۾ غير مسلمانن جي هڪ هزار سال کان ٻرڪايل باھ ان جو هڪ گهڙي ۾ وسامجي وڃڻ، ڪسريٰ جي محل جو زَلْزلو ۽ ان جي چوڏانهن (14) ڪنگرن جو ڪرڻ، ”همدان“ ۽ ”قُم“ نالي شهرن جي وچ ۾ ڇھ ميل ڊگهي ڇھ ميل ويڪري ”بُحَيرَة ساوَه“ نالي دريا جو اوچتو بلڪل سڪي (Dry) وڃڻ، حضورپُرنورصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي والده جي بدن مُبارَڪ مان هڪ اهڙي نُور جو نڪرڻ، جنهن سان ”بصريٰ “ جا محل روشن ٿي ويا، اهي سڀ واقعا انهيء سلسلي جو حصو آهن تہ حضورِاڪرم،نورِ مجسمصَلَّی

www.dawateislami.net

اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري کان پھريان ئي عالمِ ڪائنات کي خوشخبري ڏيڻ لڳا- (المواهب اللدنية وشرح الزرقاني،ولادته...الخ، ١/١٦٧، ٢٢٧،٢٢٨،٢٢١)

اندھیروں میں بھٹکتے پھرنے والوں کو مبارک ہو | تمہیں حق سے ملانے آج رہبر آنیوالا ہے
اگر نہ آج جھومو گے تو کب جھومو گے دیوانو! | مچل جاؤ تمہارا آج یاور آنے والا ہے

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۴۴۶تا۴۴۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً اسان جا نُوري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بي مثل ۽ بي مثال آهن، جنهن جو اندازو پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت سان به لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ اقدس اهڙي ته پاڪيزه، مقدس ۽ پُرنُور ٿي ته جنهن جو ڪو مثال نه ڪڏهن پيش ڪيو ويو آهي ۽ نه ڪڏهن پيش ڪري سگهجي ٿو،

الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب، ڪل اُمّت جي طبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙو بي مثل ۽ بي مثال بڻايو آهي جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگي جو هر پهلو به بي مثل ۽ بي مثال آهي، ايستائين جو سندن **ولادتِ باسعادت** به اهڙي آهي جو نه ڪنهن جي اهڙي ولادت ٿي آهي نه ٿيندي- جڏهن پاڻ عَلَيه السَّلَام جي ولادت ٿي ته چئني طرف هر پاسي نُور جي برسات ٿيڻ لڳي ۽ چئني سڄي ڪائنات جڳمڳائڻ لڳي ۽ هر پاسي **نور ئي نور** ٿي ويو- اچو هن طرح جا ڪجھ واقعا ٻڌون ٿا:

## زمانو روشن ٿي ويو

حضرت عثمان بن ابي العاص رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي ته منهنجي والده مون کي ٻڌايو ته مان ان رات حضرت سيدتنا آمنه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْها وٽ هيس، جنهن رات رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت ٿي، مون گهر ۾ هر پاسي روشني ۽ نُور ڏٺو ۽ محسوس ڪندي هيس چڻ تارا قريب کان قريب تر ٿي رهيا آهن- ايستائين جو مون کي ائين لڳو ته اهي تارا مون مٿي ڪري پوندا، پوءِ جڏهن سرڪارِ نامدار، حبيبِ پروردگار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن ڪائنات ۾ تشريف فرما ٿيا

تہ هڪ نُور ظاهر ٿيو جنهن سان هر شيءِ روشن ٿي وئي، ايستائين جو نُور کان سواءِ ڪجهہ نظر نہ ايندو هو- (الخصائص الکبري، باب ما ظهر في ليلة مولده من المعجزات و الخصائص،۱/۷۸ )

گود میں عالمِ شباب حالِ شباب کچھ نہ پوچھ  گُلبنِ باغِ نور کی اور ہی کچھ اُٹھان ہے

(حدائقِ بخشش،ص۱۷۹)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نُورِ مصطفيٰ ﷺ ۾ چراغ جي روشني

حضرت صفيہ بنت عبد المطلب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا فرمائِن ٿيون: حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادت جي وقت مان حضرت سيدتنا آمنہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا جي خدمت ۾ حاضر هئس، مون ڏٺو تہ حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نُور، چراغ جي نور تي غالب اچي رهيو آهي، ان رات مون ڪجهہ نشانيون ڏٺيون- ❖ جڏهن حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پيدا ٿيا تہ يڪدم سجدو ڪيائون- ❖ جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سجدي مان مٿو ڪنيائون تہ واضح لفظن ۾ فرمايائون: لَآاِلٰہَ اِلَّا اللہ اِنِّی رَسُوْلُ اللہ ❖ سجي گهر کي مون پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چهره انور جي نُور سان روشن ۽ منورٿيندي ڏٺو-❖ مون چاهيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي وهنجاريان پر هاتفِ غيبي آواز ڏنو تہ اي صفيہ! پنهنجو پاڻ کي زحمت نہ ڏئي ڇوتہ اسان پنهنجي محبوب کي پاڪ و صاف پيدا ڪيو آهي-❖ حُضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ختنہ ڪيل ۽ ناف بريده پيدا ٿيا هئا- (شواهد النبوة ،رکن الثاني ، ص ۳۳ملخصًا)

مَیل سے کس درجہ سُتھرا ہے وہ پُتلا نورکا  ہے گلے میں آج تک کورا ہی کُرتا نورکا

(حدائقِ بخشش،ص۲۴۴)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

حضرت سَيدُنا عَبدُاللّٰہ بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: جنهن رات حضورِ انور، مڪي مديني جي تاجور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نورِ نبوت حضرت عَبْدُاللّٰہ

www.dawateislami.net

رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي پُشتِ اقدس مان حضرت آمنه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھا جي مبارڪ پيٽ ۾ منتقل ٿيو تہ رُوءِ زمين جي تمام چوپاين، خاص ڪري قريش جي جانورن کي الله ڪريم ڳالهائڻ جي سگهہ عطا فرمائي ۽ انهن فصيح زبان سان هي اعلان ڪيو: اڄ الله ڪريم جو اهو مُقَدَّس رسول ماءُ جي پيٽ ۾ جلوه گر ٿي ويو جنهن جي مٿي تي تمام دنيا جي امامت جو تاج (The crown) آهي، جيڪو سڄي عالم کي روشن ڪرڻ وارو چراغ آهي، اوير جي جانورن اولهہ جي جانورن کي بشارت ڏني، اهڙي طرح سمنڊن ۽ دريائن جي جانورن هڪ ٻئي کي اها خوشخبري ٻُڌائي تہ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادتِ با سعادت جو وقت اچي ويو آهي- (المواهب اللدنية،المقصدالاول،آيات حمله،٦٢/١ )

مبارک ہو حبیبِ ربِ اکبر آنے والا ہے
مبارک! انبیا کا آج افسر آنے والا ہے
مبارک بدنصیبوں کو مبارک ہو غریبوں کو
جہاں میں بے بسوں کا سایہ گُستر آنے والا ہے
مبارک غم کے مارو! غم غلط ہو جائیں گے سارے
حبیبِ حق مداوا غم کا لے کر آنے والا ہے
جہاں میں ظلمتوں کا چاک ہوگا آج سے سینہ
خدا کے فضل سے ماہِ منور آنے والا ہے
خبر ہے ابرِ رحمت آج کیوں دنیا پہ چھائے ہیں
جہاں میں رحمتوں کا آج پیکر آنے والا ہے

(وسائلِ بخشش مرمم،ص٤٣٦تا٤٣٨)

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، مٺي جي آمد ... مرحبا، سڄي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا... مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي   مرحبا يا مصطفي   مرحبا يا مصطفي   مرحبا يا مصطفي

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!   صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل واقعن مان معلوم ٿيو! حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادت کان پهريان نرالن واقعن جو ظهور ٿيو، سڄي ڪائنات ۾ خوشين جي لهر اچي وئي، جڏهن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادت جي برڪت سان هر پاسي نور چانئجي ويو، صحابۂ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان وقتاً فوقتاً

نور جون جهلڪيون پاڻ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي وجودِ اقدس ۾ ملاحظو ڪندا هئا اهو ئي سبب آهي جو جڏهن بہ ڪو صحابي رحمت عالم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حُليو مبارڪ بيان ڪري ٿو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نورانيت ڪي ڪڏهن چنڊ سان تشبيہ ڏئي ٿو تہ ڪڏهن سج جي مثل چوي ٿو، ڪو چوي ٿو تہ پاڻ عَلَيه السَّلَام جو رخِ انور ائين لڳي ٿو جيئن سج اپري رهيو آهي ۽ ڪو چوي ٿو تہ جيئن چوڏهين جو چنڊ تاريخي رات ۾ پنهنجون نوراني شعاعون ورهائي رهيو آهي، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحۡمَةُاللهِعَلَيه فرمائن ٿا:

رُخ دن ہے یا مہرِ سَما یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں
شب زُلف یا مُشکِ خُتا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

بلبل نے گل ان کو کہا قمری نے سروِ جانفزا
حیرت نے جھنجھلا کر کہا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

خورشید تھا کس زور پر کیا بڑھ کے چمکا تھا قمر
بے پردہ جب وہ رخ ہوا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

(حدائقِ بخشش، ص۱۱۰)

**مختصروضاحت:** ❖ مان پنهنجي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رخِ انور کي ڏينهن چوان يا آسمان جو سج چوان، بئي نٿو چئي سگهان چوتہ سج کي بہ روشني محبوبِ خدا عَلَيه السَّلَام جي رُخِ زيبا سان ملي آهي ۽ ڏينهن جو سوجهرو بہ آقا عَلَيه السَّلَام جي حُسن جو جلوه آهي، تنهنڪري نہ ڏينهن اوهان جي چهري جهڙو ٿي سگهي ٿو نہ سج ۽ سرڪار عَلَيه السَّلَام جي زلفن کي رات چيو وڃي يا خالص ڪستوري چيو وڃي، بئي نٿو چئي سگهجي چوتہ انهن بنهن جو حضور عَلَيه السَّلَام جي زلفن سان ڪو موازنو نٿو ڪري سگهجي، بلبل حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گل سان تشبيہ ڏني ۽ ڳيري خوبصورت وڻ سان جڏهن تہ عقل حيراني جي عالم ۾ چيو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انهن بنهن سان ئي تشبيہ ڏيڻ غلط آهي، سج پنهنجي پوري آب وتاب سان طلوع ٿيو ۽ سڄي جهان کي روشن ڪري ڇڏيو ۽ چنڊ پنهنجي تمام تر جلوه سامانين سان گڏ چمڪيو ۽ سڄي دنيا کي نور جو ٽڪڙو بڻائي ڇڏيائين پر جڏهن آقا عَلَيه السَّلَام جي چهري تان پردو ڪنيو ويو تہ نہ چنڊ جي چمڪ رهي نہ سج جي ڏمڪ بنهي شرمنده ٿي منهن لڪائي ورتو-

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو ڪجهہ روايتون ٻڌون ٿا، جن ۾ صحابہٴ ڪرام

عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَانپاڻ عَلَيهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَامجي جسم جي نوراني وصفن جو ذڪر ڪيو آهي-

1. جيئن هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا ته مان، منهنجي والده ۽ منهنجي ماسي نبي ڪريم، صاحبِ خُلقِ عظيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بيعت ڪئي، جڏهن اسان واپس موٽياسين ته مون کي منهنجي والده ۽ ماسي چيو: اي منهنجا پيارا پٽ! اسان حضورِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙو حسين چهري وارو ۽ صاف ڪپڙن وارو ۽ نرم گفتگو وارو نه ڏٺو ۽ اسان ڏٺو ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وات مبارڪ مان نور نڪرندو هو، (خصائص ُالڪبري،۱/۱۰۷ )

2. ڪعب بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم، رؤف و رحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن خوش ٿيندا هئا ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو ائين چمڪندو هو جڻ ته اهو چنڊ جو ٽڪڙو آهي، اسان ان چمڪ سان حضور جي خوشي معلوم ڪندا هئاسين- (خصائص ُالڪبري،۱/۱۲۳)

3. اُمُّ المؤمنين حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون ته رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف فرما ٿيا، هن حال ۾ جو پاڻ ڪنهن ڳالهه تي گهڻو خوش هئا ته سندن مبارڪ چهري جو نقش بجلي جيان چمڪي رهيو هو- (بخاري،۲/۴۸۸حديث:۳۵۵۵)

4. حضرت ابن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان روايت آهي ته نبي ڪريم،جنابِ صادق و امينصَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سايو نه هو، جڏهن به سج جي سامهون بيهندا هئا ته سندن روشني سج جي روشني تي غالب رهندي هئي- (سبل الهدي و الرشاد ۲/۴۰)

الله رے تیرے جسمِ منور کی تابشیں ۔۔۔ اے جانِ جاں! میں جانِ تجلیٰ کہوں تجھے
(حدائقِ بخشش، ص۱۲۴)

**مختصر وضاحت:** يعني پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نوراني جسم ۾ نور جي پريل تجليات جي کهڙي ڳالهه ڪيان- اي منهنجي جان جي جان(يعني اي منهنجا آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ) مان ته اوهان کي نور جي به جان چوندس-

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، سٺي جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا... مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو- (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥)

سینہ تِری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تُم اپنا بنانا

## جُتي پائڻ جون سُنتون ۽ آداب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو ته! شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مَدَني گُل“ مان جُتي پائڻ جون سُنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. ❖ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان ڪي جيستائين جوتي پاتل هوندي آهي ڄڻ اهو سوار آهي (يعني تڪاوٽ گهٽ ٿيندي) (مسلم ص 1161 حديث 2096) ❖ جُتي پائڻ کان پهرين چنڊي ونو ته جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي ته نڪري وڃي ❖ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ ڪابو ۽ لاهڻ وقت پهرين ڪابو ۽ پوءِ ساڄو- نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي ته ساڄي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي ته ڪابي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي ته جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽

www.dawateislami.net

لاهڻ وقت آخر ۾ رهي. (بخاري ج 4 ص 65 حديث 5855) ❖ نزهةُ القاري ۾ آهي: مسجد ۾ داخِل ٿيڻ وقت حڪم اهو آهي پهريان سڄو پير مسجد ۾ رکي ۽ جڏهن مسجد مان نڪري تہ پهريان کاٻو پير ڪڍي- مسجد جي داخلي جي وقت ان حديث تي عمل دشوار آهي- ❖ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جو حل اهو ارشاد فرمايائون تہ: جڏهن مسجد ۾ وڃڻ ٿئي تہ پهريان کاٻو پير ڪڍي جتي تي رکو پوءِ ساڄو پير مان جتي ڪڍي مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر نڪرو تہ کاٻو پير ڪڍي جتي تي رکي ونو پوءِ کاٻو پير ڪڍي ساڄو پير پائي ونو پوءِ کاٻو پائي ونو- (نزهة القاري،٥/٥٣٠) ❖ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري ❖ ڪنهن حضرت سيِّدتُنَا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول **اللّٰه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي عورت تي لعنت فرمائي آهي- (سنن ابي داؤد ج 4 ص 84 حديث 4099) صدرُالشَّريعہ، بدرالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القوي بهار شريعت ج 3 صفحي 422 تي فرمائن ٿا: يعني عورتن کي مرداڻا جوتا نہ پائڻ کپن، بلڪ اُهي تمام ڳالهيون جن ۾ مردن ۽ عورتن ۾ امتياز هوندو آهي انهن ۾ هر هڪ کي ٻين جي وضع قطع اختيار ڪرڻ (يعني نقل ڪرڻ) جي ممانعت آهي، نہ مرد عورت جي وضع اختيار ڪري نہ عورت مرد جي ❖ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو ❖ (تنگدستي جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ) اونڌي جوتي کي ڏسو ۽ ان کي سڌو نہ ڪرڻ- "دولت بي زوال" ۾ لکيل آهي تہ سڄي رات جُتي اُبتي پيل رهي تہ شيطان اچي اُن تي ويهندو آهي، هي هن جو تخت آهي- (سني بهشتي زيور،حصه ٥، ص٦٠١)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کا کرتا رہوں پروردگار ‏ سُنّتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

(وسائل بخشش مرمم،ص٦٣٥)